## سوال ۲ :Q

## جواب :

### ۱. تعارف :

سنڌ ڌرتي جي ڪک مان اهڙا نه عظيم شاعر، اديب ۽ مفڪر جنم ورتا آهي جن آڪاش جي بلندين کي وڃي ڇهيو آهي. سندن ڳڻ نه رڳو ڏيهه ۾ پر پرڏيهه ۾ به ڳايا ڳائجن. انن عظيم انسانن مان سنڌي شاعري جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو سرفهرست آهي. سندس افاديت هر دور ۾ برقرار رهي آهي. پاڻ ۱۶۸۹ ۾ ڄائو ۽ ۱۷۵۲ ۾ پنهنجي حقيقي محبوب سان وڃي مليو. هي اُچ شاعر سر سپاٽي جو ڪوڏيلو هو. سنڌ کان ٻاهر به ڪيترو ئي گهميو پر روحانيت جي ونتار وهندي اچي پيٽ وسائين. هن جي شاعري هر لحاظ کان گهڻ موضوعي هئي ۽ سندس لفظ وجود تي ڪري پڙندڙن تي ڪرندا آهن ۽ سندن روح ۽ روحانيت کي ڄاڻ نه نئون جنم ڏيو ڇڏين. شاهه جي چاهيندڙن سندس شاعري جو مجموعو "شاهه جي رسالي" جي صورت ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي جيڪو هر ايندڙ نسل کي پنهنجي جي بيتن جي سوکڻن کان واقف ڪري ٿو.

## 2. شاهه صاحب جي شخصيت ۽ شاعري جي عالمي حيثيت:

علامه آءِ آءِ قاضي جي تحقيق "ڪارلائل جي ڪسوٽي" ۾ شاهه صاحب بابت هڪ تحقيقي مقالو مليل آهي. پاڻ چون ٿا ته:

"ڪارلائل جي ٻڌايل اصولن مطابق ڀٽائي سرڪار دنيا جو وڏي کان وڏو شاعر آهي."

ڪارلائل جا مقرر ڪيل معيار اڄ ڏينهن تائين رد نه ڪيا ويا آهن. ان جا معيار جن تي ڀٽائي سائين جي شاعري پوري لهي ٿي، هيٺيان آهن:

(i) شعر اهو آهي جيڪو ڳائي سگهجي.

(ii) جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي شعر جي ڪا مصرع يا لفظ بدلائي ڇڏجي ته ان جو روح ختم ٿي وڃي.

(iii) زبان جي استعمال جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري.

شاهه صاحب جو ڪلام انهن ٽنهي معيارن تي بلڪل پورو آهي. سندس ڪلام گهري مشاهدي ۽ ذاتي تجربي تي ٻڌل آهي. ۽ اهو سندس منزل تي اڄ به ڳالهائجي ٿو. سندن لفظن جي جوڙجڪ ايتري ته وسيع آهي جو ڪنهن به شاعر لاءِ ممڪن نه ٿيو جو ان سان مقابلو ڪن.

مثال:

سائينءَ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين

بيت جي مصرع اولي ۾ ايڪڙ لفظ سائينم جي معني ٿي "منهنجا سائين" ته مصرع جي معني ٿي منهنجا سائين سنڌ کي سڪار ڪر پر آڪر ان شعر ۾ ٽڙ ڪي به صورت بدلجي ته معنيٰ ۾ زمين آسمان جو فرق ٿي وڃي.

مثال:

سائين ۾ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

سائينم جي جڳهه تي سائين ۾ لڳائڻ سان معنيٰ ٿي ته "يا الله سنڌ کي سڪار ڪر." مطلب ته ايتري ذري ۾ تبديلي معني بدلجو ڇڏي.

قاري مطابق "معياري شاعر هميشه سادي شئي کي نئين طريقي سان پيش ڪندو آهي" شاهه پڻ، ان وصف تي به پورو لهي ٿو.

ڪڙو منهنجو ڪڙي جيئن لوهار ليئو
ايئن منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سرکو ڪيو

شاهه صاحب جي بيت. ٻين عالمي شاعرن سان:

شاهه صاحب جي ڪلام

جي هڪ ثابتي هي آهي ته عالمگير
جني مقرر ڪيل معيارن تي دنيا جا
وڏا وڏا شاعر به پورا لٿا آهن. مثال طور
شيڪسپيئر، ملٽن، گوئٽي ۽ دانتي جهڙا
شهرت يافته شاعر به انهي ڪسوٽي مطابق
شعر نه چئي سگهيا آهن. انهي مقابلي
۾ شاهه سائين جي شاعري صدين کان
پئي ڳائجي.

شيڪسپيئر 1400 لفظ استعمال ڪيا ۽
جيسين شاهه عبداللطيف جي اصطلاحن
۽ جوڙجڪ جو واسطو آهي ته شاهه انهن
کي پوليءَ ۾ هڪ سهڻي طرح ڏني آهي
پنهنجو ته انهن محاورن وغيره جو تعداد به
حيرت انگيز طور وڌيڪ آهي. دراصل محاورن
اصطلاحن جو اهڙو وڏو ذخيرو شاهه جي
رسالي ۾ موجود آهي جو ٻئي ڪنهن به
سنڌي شاعر جي ڪلام ۾ ڪونهي.

## ٣) شاهه جي شاعري جي باري ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي مفڪرن جا رايا:

سنڌ جو لعل ڀٽائي صاحب
جنهن جي شهرت رڳو سنڌ تائين محدود ڪونهي
پر ٻاهرين ملڪن جا اديب به سندس گڻ
ڳائيندي ٿڪجن نٿا.

(i) **ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ:**

ڊاڪٽر صاحب شاهه جي شعر
جي عظمت لاءِ هي دليل ڏنو آهي:

"سندس خيالي قوت جي پرواز هيءَ
آهي، نه جيئن جيئن شعر کي اونهو غور
ڪندا سين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين حيرت
اپني ٿيندي".

(ii) **ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي جي راءِ:**

"منهنجي خيال ۾ پاڪستان هڪ ئي
عظيم شاعر پيدا ڪيو آهي ۽ اهو آهي
لطيف".
ڊاڪٽر سورلي جهڙي لڳن شاهه جي شاعري
بلڪل ثنائي آهي ۽ ڪيس بخوبي سمجهائي
سگهجي ٿو، جيڪڏهن ڪنهن کي يقين
نه اچي ته هن کي رڳو شاهه جي
روضي ڀٽ شاهه تي وڃڻو پوندو ۽ ڪيس
ان ڳالهه جو يقين ٿي ويندو.

(iii) **شاهه جي شاعري جي عظمت جو اقرار شاهه
جي ودوان:**

شاهه صاحب جي ڪلام
جي عظمت جو اقرار نه رڳو پڙهندڙن ڪيو
آهي پر خود شاهه صاحب پاڻ به چوي
ٿو ته:

"جي لُڙ بيت پاتيا، سي آئينون آهن
نيڻن لاءِ، پريان سندي پار ڏي."

## ۵ شاهه جي شاعري جا قسم:

شاهه صاحب جي شاعري کي موضوع ۽ معنيٰ جي حساب سان هيٺين ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

(i) نيم تاريخي داستان
(ii) صوفيانه نصيحت
(iii) مجازي شاعري ۽ فطرت نگاري

### (i) نيم تاريخي داستان:

شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ کي مختلف سُرن ۾ ورهايو آهي ۽ سنڌ جا نيم تاريخي داستان جهڙوڪ: "سسئي پنهون"، "عمر مارئي"، ۽ "سهڻي ميهار" وغيره کي پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. شاهه سائين انهن کي سڄي جو سڄو بيان نه ڪيو آهي پر صرف انهن شعر مان پنهنجي مقصد وارا ذڪر ڪري انهن کي تمثيل طور ڪم آندو آهي.

اُن ويري، اسار ويري، ويري ٿيڙم ڏير
جوڙيون ويري واءُ ٿيو، جڏهن لِٽيا پنهون
جا پير

(ii) **صوفياڻي نصيحت:**

شاهه صاحب هر داستان ۾ بيان ڪري
سگهي پوءِ ان کي مختلف نتيجا ڏئي ٿو ۽
پڙهندڙن کي صوفيائي نصيحت ڪري سڌي راهه
ڏيکاري ٿو. جيئن صبر جي تلقين ڪري
چيو ويو آهي:

هو جيئڻ لڳو ۾ جهڳو واتل ورائي.
اگ آگرائي ڪري جو خطا سو پائي
پاند ۾ پائي ويو، ڪيتي وارو عين کي.

(iii) **مجازي شاعري ۽ فطرت نگاري:**

شاهه سائين کي نوجواني ۾ مجازي
جي عشق لڳي هئي، جنهن هن کي بيچين
۽ بيقرار ڪري ڇڏيو. ان بي قراري کي
مٽائڻ ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ لاءِ
شاهه سائين سير سفر ڪيو. ان سير و سياحت
۾ قدرت جا ڪيئي منظر ڏٺائين ۽ پنهنجي
لفظن جي پيڙ چڙهايائين

"جهڙا گل گلاب جا، تهڙا منهن وِيس
جوٺا پتل چنبيليا، ماڻا موهيس
ليڪڙ سوتون سيد چوي، انهن اصلانيش
لالن جي لبيس، آتش آڳر نه اُجهي"

"وڏا وڻ ورڻار جا، جت جاڙ جهرجهر

ڪوسا تپن ڪڻ، ٻي ڏمڻ ٽپنئي ڏڌ
ويچاري ڏئي ور، پيرئه لمين ٻرين جو"

## (٦) نتيجو:

سنڌ جو سرتاج شاهه عبداللطيف پنهنجي شاعري جو بي تاج بادشاهه آهي. سنڌس شاعري دنيا جي بهترين شاعرين مان هڪ آهي. ڪارلائل جي ڪسوٽي مطابق شاهه جو شعر ڳائي به سگهجي ٿو ته انهن مان هڪ لفظ به ڪڍڻ سان معني بدلجي وڃي. شاهه پنهنجي شاعري ۾ روحانيت، مجازيت ۽ نصيحت جا اهڃاڻ ڏنا آهن. سنڌس شاعري کي سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪونهي شاهه جي شعر کي سمجهڻ لاءِ فلسفي جو فن کپي ۽ مومن جو من کپي، عاشق جهڙو دل کپي ۽ صوفي جهڙي منزل کپي.